مينڪا

تنهنجو خط ڏسي، من سچ ڪوڙ جي ڪوچ لاءِ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا رنگ بدلي آيو. تو ”متر“ ڪري سڏيو آهي مونکي. گلاب ته تنهنجو متر ناهي پوءِ ڪهڙي نالي هو اسانجي گڏجاڻيءَ وقت اچي پر گهٽ ٿيو؟ پاڻ لاءِ اڃين به سوچيان ٿو ته تنهنجو پيار مترتا کان هڪ ڏاڪو چڙهي به چڪو آهي. مڃان ٿو تون ور ور ڪري من ۾ دهرائيندين ته ”دوست ٿي رهڻ ڇا ڪافي ناهي“ مگر مان پڇان ٿو ته ڇا دوستن وچ ۾ پيار نه ٿيندو آهي؟

# ”پيار پيار پيڙا“

۽ ڇا تنهنجو مونسان پيار ناهي. جي ناهي ته ڪهڙي حق سان پنهنجي گهر ۾ زبردستيءَ ڪاڻ و ليڻا ٿيندي ويندي آهين منهنجي ٿالهيءَ منجهه؟ يا ڪڏهن ٻيڙا پيرائل ايڻ ڪٽي، منهنجي اکين ۾ ڏسندي، پنهنجي ويندا کي منهنجي جيءَ اندر اچليندي ويندي آهين؟ هر ٽيين ساڙهيءَ جو، منهنجين اکين جي ڇهاءَ سان مهورت ڪندي آهين؟ پلا ڪهڙو حق آهي توکي پنهنجا الاهي فوٽا مونکي ڏيڻي، راس ڏيهن مونکي انهن جي ڏسڻ لاءِ

مجبور ڪرڻ جو؟ ....

اڃا به ڪوڙي هٿ ۾ ويٺي ڇڏيج. نه لڪيج، نه ڇنڊج "توکي پيار ڪريان ٿي."

ارجن

ارجن،

اهڙي انتظاريءَ کان پوءِ جو ملڻ، اهڙو لذيذ ۽ ڇڙ ڏيارينڊڙ ٿيندو، سو نه خواب خيال ۾ ڪين هو. پر جيڪو ڪجهه ٿي گذريو ان لاءِ معافي گهرڻ لئي دل آهي.

تون نه ڄاڻين تو نه هن ماسات گلاب جي منهنجي مٿان گهڻي حجت آهي. مون مٿان ٿي ڇو، سڄي گهر مٿان. هنجي احسانن کانسواءِ گهر الاجي ڪٿي هجي ها ۽ هن گهر مونکي اڄ ڏيٺي ڪيڏو نه احسان ڪيو آهي! اهو تون نٿو ڄاڻين. ....

مون ڪٿي ٿي ڄاتو نه گلاب منهنجو پيڇو ڪندو اچي. اساڄي مٿر ملڻ ۾ رخنو وجهندو. عجيب انسان آهي. ڪهڙي حق سان مون تي اَلر ڪري آيو؟ ڪنهن استريءَ وٽ سهارو پائڻ معنيٰ مٿس حق ڄمائڻ، الاجي ڪهڙيءَ ڊڪشنريءَ ۾ پڙهيو اٿس ۽ سو به مون جهڙي استريءَ لئي، جا پنهنجن کان هر طرح آجو رهڻ چاهيندي هجي!

پي هڪڙي ڪل جهڙي ڳالهه ٻڌايانءِ. جنهن وقت

هن ٽوڪي ڇڏيو، ”ميڪا سان ملڻ جو ٽوڪي ڪوئي حق ناهي“، الوقت ته ڇڏيو شيشهن تي لڳو، مگر رات جو جڏهن گهر آيو، تڏهن سندس شڪل ڏسڻ هـا، اصل موت کاڌل بالا جهڙي ڪارائيل پئي لڳي. مون کي مٿس رحم اچي ويو. هن ويچاري مون لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو آهي. کيسي مان خط ڪڍي ڏنائين، جو هن سان گڏ موڪليان ٿي.

پنهنجي خط ۾ پڻ نڪرلي جيڪي لکي ڏيڻ لاءِ ضد ڪيو اٿيئي، ان تان هاڻ مڙي ويو هوندين. ڇا سچ پچ، زبان سان چوڻ کي ئي اهميت آهي؟

ميڪا

ميڪا،

تنهنجي خط سان گڏ گلاب جو خط به مليو. تنهنجو نوڪر جنهن وقت خط کڻي آيو، تنهن وقت اڃا مون کي روئي وهي ڪاڻي، نيڪ نـو جيان ئي زاردستيءَ پاڇي ليٽائيندي ٿي وڃي ۽ مونکي اچي رهي هئي تنهنجي ياد، دل چاهي ٿي ڪاش، منهنجي موهه مٿي سدائين ساٿ هجي!

جاڻان ٿو، گلاب به ڪڏهن اهڙي ئي چاهنا ظاهر ڪئي هوندي ۽ شايد... ليڪن هاڻ جڏهن تون منهنجي ٿي آهين، تڏهن مان ڪابه اڳين ڳالهه ياد ڪرڻ نه چاهيندس. هونءَ به مان چوان ڪي رڳو سيڪس سمبل

نه سمجهندو آهيان. چرس مون لاءِ دماغ جي سوجهي، دل جي پرلطف ۾ ئي سمايل آهي.

گلاب جو خط پڙهي معلوم ٿيو ته هن جي هلت سبب سندس پتني پنهنجي ساري هستي ئي پلجي چڪي آهي. چا اينترو به اٿو سمجهي سگهي ته جنهن هو مولڪي لنهنجي دل مان ڪوري ڪيڻ ٿو چاهي، تنهن سندس پتني به سندس دل مدهان لوڪي هڪالڻ ٿي چاهي. پيار اڪر هئي جي پيڙا کي محسوس ڪرڻ نه سيکاري ته اُن کي ڪوئي پيار سڏي ئي چوتو... خير.

لنهنجو مالهي جيڪي پيلا گــل ڪٽي آيو، اُن کي ڏسي بسنت رت جي ڪيسري رنگ وارين ساڙهين پائل گوپين جي اچي يادگيري پيئي. هوليءَ جا به ته اهيئي ڏينهن آهن نه. اهيئي گل آهن نه.... اڄ شام جو اندري اسٽيشن تي لنهنجو انتظار ڪندس، هليا هلنداسين ورسووا جي ساگر ڪناري.

اُرجن

اُرجن،

هيءَ سڀ چا ٿي ويو؟ طوفان ڪاٿوءِ جڏهن اڄ ئا پر ۾ ماضيءَ تي ويٺي سوچيان ته اٿين پيو لڳي، اندر جا هنيلي ئاري ويٺي آهي سا وڏا وڏا ابهه ڪري پيئي چوي، ”جيڪو ڪجهه ڪامنا وس ٿي پاڻتان ضابطو وڃائي ڪجي ٿو، اهو غلط آهي.“ مــون لـــ جاٽي

اڃهي سڀڪجهه ڪيو آهي توسان مسلط ني .... اُنهجي اندر جا ٻي اَلت پياس هئي، ان سان ٻنهجي ٻساس ملائي ڇڏڻ لئي دل هئي ۽ جيڪو ڪجهه ٿي گذريو ان لاءِ هن ناريءَ کي ذرو ٻه پڇتاءُ ڪونهي۔ ٻـر ٻي ٻ؛ سنسڪارن جي ٻڌل ڪمزور، مگر سادي ۽ سماجڪ استري آهي منهنجي اندر اها پڇي ٿي، ”جيڪو ڪجهه ٿي گذريو اللهءِ جيڪڏهن لوڪي ڪوئي ارمان ڪونهي ته دلي ٻداني ان ٻاپ کي ٻج ڇڏي اپنائين چوڪين ٿي؟ ارڄن جي شاديءَ جي آڏو کـي ٻڌن چـا لاءِ سمجهي وٺي آهين؟“

مگر ذاتي اسرنهه آهي هيءَ من اندر وٺل گهمندي ناري. ڪاش لوڪي ڪڏهن ڪاليج ۾ هيڏي اَساهه سان ڳالهائيندو نه ڏسان ها ۽ ڪاش اسانجي مونڻ خراب نه ٿئي ها، الهيءَ جهوءِ جي ڪناري، جو ان وقت توسان گڏ نشڪسيءَ ۾ مونڻو پيو۔ گلاب هٿي منهنجي مونڻ جي مرمت ڪرتي رهيو هو ۽ لهنجين ڳالهين لهنجي اَساه ٻرٻل خيالن الاجي ڪيئن منهنجي ٻگل ٽٽل من کي سڀ؛ ڪري وڌو. مان نشڪسيءَ ۾ لهنجي ذاتي پاسي وٺل هئس. الاجي ڪيئن ان وٺل اڄي شاديءَ جي هڪ رسم ياد پيئي ته ڪنوار هميشه گهوٽ جي ذاتي پاسي تي وهندي آهي. ڳالهه ته ڪل جهڙي هئي، پر ان ڪلپنا ۾ مٺاس آهي، ان کان انڪار ڪري ٿي سگهان. مگر

رهڻ ڏي اهڙن خيالن کي. مان نه اُڏامندو نٿي رهندو،
اهڙين ڪلپنائن جي وادين ۾. ساڪار جي دنيا ۾ پلا
اهڙن ڳالهين کي جڳهه نٿي ڪهڙي آهي. تنهنجون ۽
منهنجون راهون اهڙيءَ ورسوا جي ڪناري، اهڙي
مهاڻيءَ جي سمسان جهوپڙيءَ ڪالسواءِ ڪٿي به نه ملي
سگهيون آهن. اجايو هٺيليت واري "ڪر نه ڪر" جي
مونجهاري ۾ مون ڪجهه وقت پريشان ٿي ويو. ليڪن
شادي نه آهي واسطا جو بندن، منجهس پريم نه آهي ٿي
ڪين. جي اڻين نه هجي ها نه مان پلا پتيءَ جو گهر ڇو
ڇڏي اچان ها؟

مان نه چاهيان ٿي بس ساڪي ٿي وڃي ساري جهان
کي ڏسان.... تون روز اچي، مونکي هن جهان جون
رنگين ڪهاڻيون ٻڌائيندو رهين! بس پڙهندو رهين هڪ
عجيب رنگيني منهنجي هن سڄي جيون ۾.
هڪ پيار جو اپار ساگر هجي، جنهن ۾ سوڪيم پيار جون
ڪروڙين لهرون هجن ۽ پري ڇڏين رئي ۾ هڪ
ٻي الت پيڙا!

پيار ۽ پيڙا جي مورتي
مينڪا

پرنام شريمتي مينڪا،

ڪيترن سهڻن لفظن ۾ جواب ڏنو اٿيئي منهنجي آءٌ
جو! مگر سهڻا ٿوهه ٻڌن ۾ گهڻا! تو هڪ ڏينهن پنهنجي

گهر ۾ ڪم ڪندڙ مائيءَ سمتيءَ جي آکاڻي ٻڌائي هئي.
ته ڇيو هو، هوءَ ننڍي هوندي پنهنجي ماروٽ کي ڏاڍو
پيار ڪندي هئي. اچانڪ ئي هو کيس دغا ڏئي ويو
۽ ڪوٺ مان ٻيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري آيو. سمتيءَ
کيس من مان ئي ڪڍي ڇڏيو. جڏهن گهر ۾ شادي ڪري
آئي، ان گهر ۾ ته سندس اچڻ پريتم آگ لڳائڻ لاءِ
آيو، پر سمتيءَ سو رهيائيءَ سان اتي در جو رستو ڏيکاريس
۽ پتيءَ جي گوڏن ۾ مٿو رکي روئي کيس سارو قصو
ٻڌائي ڇڏيائين.

مينڪا، ٻڌاءِ، ڇا هي تنهنجي اندر ڪائي اهڙي پيڙا
من واري ڳالهه؟

جيڪو ڪجهه جذبات جي طوفان ۾ ٿي گذريو، ان
لاءِ لوڪن ڏکڻ ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي. سرشٽيءَ جي
نيمن کي جبروتي زور سان لوڪن روڪي ويٺي هئينءَ،
اوتروئي زور سان هو تنهنجين ڪوڙن هٿرادو نيمن
کي ٽوڙي ڦوڙي ڊاهي وڌيا. اهو سڀ سڀاويڪ ئي هو
۽ ان حقيقت کي جهان ڀلو ڏاڍ آهي شادي، ليڪن تو
ان کي سڏيو آهي واسنا جو بندڻ.

جن ڳالهين تنهنجي جيون ۾ رنگيني آندي، اهي
ته سڀ ٻين انسانن جي پيار، پيڙا ۽ حالتن سان ٽڪر
کائڻ جون ڳالهيون هيون. جڏهن تنهنجي جيون ۾ اهي
اچڻ ٿيون چاهين، تڏهن تون انهن کي در ٻاهران ئي

موٽائي ٿي ڇڏين. ٺيڪ نه آهي، تون به اڪثر اردني اميرن جيان، گهر جي ڇوٽ تان چڙهي چپ چاپ وهني هون پسيدو هڪ ڪنڊڙن جي روئي نڪر واريءَ وڙهه کي ڏسج، ڇو نه لوڪي ساکي ٻڌجي ٿي نه سڀ ڪجهه ڏسڻو آهي.

گهر جي ڇوٽ تان ٻيهي جڏهن هيٺ ليکهندڙ جهان وارن ڏي ٿي نهارين، تڏهن اهي سڀ لوڪي ڪيچ تا پاسن. ل پر لاءِ الهڪجون پيڙائون ڏسي ٻه ڳوڙها ٻه شايد ڳاڙهيندي هجين.... ۽ جڏهن مٿي آڪاش ۾ ٿي نهارين، تڏهن فقط سج ٿي لوڪي نظر اچي. ان مهل تون گهرين ٿي ڪنهنجي ساٿ ۽ منهنجو ٿي ساٿ لوڪي پيارو ٿو لڳي. مگر انکي ٻ، ڪنهن حد تائين محدود رکڻ ٿي چاهين، جيتوڻيڪ هڪ ڀيرو ان ۾ ناڪامياب وڃي به چڪي آهين ...

مگر اهو ڪهڙو روپ آهي تنهنجو؟ رڳو تنهنجي ٿي ڇو، اڄڪلهه جيڪي به ان قسم جا سي-آءِ-ڊي جي ڀورڻ ۾ ڪيس آيل ڏنا اٿم، آن ۾ وڏن گهرن جون ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا ٻس انهن ٿي آهن. مٿي الب جيان هڪ ٻئي کي ٻنهنجو نرم ڇهاءُ ڏيندا ڪاپوءَ ڪور جي سخت ڪل ڏيکاريو ٻيهن. ليڪن انهن نه سرشتي ناس ٿي ويندي ميڊڪا!

تون هڪ پڙهيل ڳڙهيل ناري آهين، سماج کي ڪي

ڪجهه ڏينهن تنهنجو فرض آهي. ليڪن اهو سڀ لوڪي
نه گهرجي نه؟ لوڪي ڪپڙي فقط سوڪيم پرام - ڪمل جي
پنکڙين کان ڪومل ۽ برف کان ٿڌو. پنهنجي محلات
اندر ڪائي هوا کان وانجهيل ناري! سج جي ڪرڻن ۽
چانڊنيءَ کان بيمک! قول هوندي به، انهن سڪي وڃي،
اهو مونکي منظور نه هو. مونوت محلات ناهي، جيوت
نه آهي ۽ جيوت جيڪا چيڪي مٽيءَ وانگر هڪ جاءِ
پڙي آهي، منجهس محنت ۽ محنت جا سندر گل هر
وقت ڪلندا رهن ٿا.

ليڪن هيڏي شان شوڪت ۾ رهي، جيڪا سچي
جيون جوتي تنهنجي اندر وسامي چڪي هئي، انکي
مان جاڳائي نه سگهيس، پنهنجي ناڪاميابي ٿي مڃان.
ليڪن جو انسان ڏينهن ۾ ٻيهي واڪا پيو ڪري "ڇڏاءِ وٺم
ڇڏاءِ وٺم" پر همٿ کان چڪيس نه "نه مان، نه مان"
ڪندو رهي. تنهنکي ڪوئي ڪيئن تو بچائي سگهي؟

سماج جي بندن کي نه تو ڪڏهن ڏاڍي جيان ٽوڙي
ڦٽو ڪيو، مگر من جي ليمر کي به پورن رهت سوڀڪار
نه ڪري سگهين. پريت، جا جيون جي امر جوتي آهي،
ان کي تو سمجهو هڪڙو پاڻيءَ جو گلاس ۽ هٿان هٿان
پي ڪ وتي پيئڻ ۾ ٿي تو سمجهي ترپتي. سچ نه ملي
سگهيو نه مٿ ٿي ڪار، انهن گذاري آهي تو پنهنجي
جيوت. ليڪن منهنجي آتما کي اهو سڀ منظور آهي، ني

ڪين. منهنجي آتما سدائين سچ جي کوج ۾ رهندي ۽ سچ حاصل ڪري ئي رهندي. مونکي گهرجي مون جهڙن بيباڪ جيون ساٿين، جنهن ۾ ڪوڙ ۽ ملمع ڪري آسونڪار ڪرڻ جي همت هجي. مان ان "سمتي" کي بهتر ٿو سمجهان، جيڪا ٿو وانگر ڪوڙ ۽ دوکي کي ڇهڻي نه پيئي آهي.

الاجي ڇا ڇا لکي ويٺو آهيان. توکي ڪوئي سچ چوڻو ئي ڪين هوم، ڇو ته تنهنجا ڪن فقط سوکمر پيار جو ورلن ٻڌڻ لاءِ تيار آهن. سرجڻ ۽ جيون، جنهن ۾ سنگهرش آهي، ڪپڙ ڪاڄ ڪالهوءَ ۽ أمرتا آهي، اهو سڀ توکي ڪين گهرجي. تون ٻڌڻ ٿي چاهين، اهڙا لاري، جا پيار پيار، پيڙا پيڙا ڪندي رهندي ۽ پوءِ نه پورهيون تيل تمنائن جو مجسمو ٻڻجي سڪل ڏار جيان، هڪ ڏينهن زندگيءَ جي وڻ کان ڌار ٿي، ڪري ختم ٿي ويندي.

هي آخرين خط ۾ جيڪي به لکيو اٿم، سو آهي ڪوڙو سچ، مگر انکي ٻيئڻ ۾ ئي صحت ۽ جيون آهن.

أرجن